# عيد خيرخواهي جو ڏينهن آهي

عيد الفطرجو بيان (2025ء/1446ھ)



عيدالفطر جو بيان (2025ء/1446ھ)

# عيد خير خواهي جو ڏينهن آهي

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

✿... هڪ سخيءَ جي عيد

✿... عيد جون خوشيون ٻِيڻيون ٿي ويون

✿... صدقهءِ فطر واجب هجڻ جي حڪمت

✿...عيد نماز جو طريقو (حنفي)

پيشڪش

اَلمَدِينَةُ العِلمِيہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

***For Feedback***:+92 315 2692786

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ؕ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ؕ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله     وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله     وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو ڏينهن ۾ مون تي هڪ هزار ڀيرا درود پاڪ پڙهندو، اهو ان وقت تائين نہ مرندو، جيستائين جنت ۾ پنهنجو مقام نہ ڏسي وٺي. [1]

نبی کی شان میں ہو جس قدر دُرُود پڑھو | مُحِبّو پاؤ گے جنت میں گھر دُرُود پڑھو (2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!     صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## رمضان کان پوءِ عيد ايندي آهي

بعدِ رَمضان عید ہوتی ہے | رَبّ کی رَحمت مزید ہوتی ہے
جس کو آقا کی دید ہوتی ہے | اس پہ قربان عید ہوتی ہے
عید تجھ کو مبارَک اے صائِم! | روزہ داروں کی عِید ہوتی ہے
روزہ داروں کے واسطے واللہ | مغفرت کی نَوید ہوتی ہے
عید کے دِن عمر یہ رو رو کر | بولے ”نیکیوں کی عید ہوتی ہے“
عِید عطّار اُس کی ہے جس کو | خواب میں اُن کی دِید ہوتی ہے

---

[1]...الترغيب فى فضائل الاعمال، صفحہ:14، حديث:19

[2]...نورِ ايمان، صفحہ:56ملتقطاً۔

# عيد مغفرت جو ڏينهن آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ جو نهايت ڪرم ۽ احسان مٿان احسان آهي جو هن اسان کي رمضان جي مهيني جهڙي نعمت عطا فرمائي ۽ رمضان کان فوراً بعد عيد جو خوشين سان ڀريل هي مبارڪ ڏينهن عطا فرمايو. اَلْحَمْدُلِلّٰه! جيئن رمضان مغفرت ۽ بخشش جو مهينو آهي، تيئن عيد الفطر جو هي مبارڪ ڏينهن به رب رحمٰن جون رحمتون لُٽڻ جو ڏينهن آهي. صحابيءِ رسول حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُما جي هڪ روايت ۾ آهي ته: جڏهن عيد جي ڏينهن صبح ٿيندو آهي ته الله پاڪ پنهنجي معصوم فرشتَن کي سيني شهرن ۾ موڪليندو آهي، اهي فرشتا زمين تي تشريف ڪٽي اچي سيني گهٽين ۽ رستن تي بيهي هن طرح اعلان ڪندا آهن: ”**اي امت محمد**! ان ڪريم رب جي بارگاهه ڏانهن هلو، جيڪو تمام گهڻو عطا ڪرڻ وارو ۽ وڏي کان وڏو گناهه معاف ڪرڻ وارو آهي.“

پوءِ الله پاڪ پنهنجن ٻانهن سان هن ريت خطاب فرمائيندو آهي: اي منهنجا ٻانهو! گهرو! جيڪو ڪجهه گهرڻو اَٿو؟ منهنجي عزت ۽ جلال جو قسم! اڄ جي ڏينهن هن (نماز عيد جي) اجتماع ۾ پنهنجي آخرت جي متعلق جيڪو به گهرندؤ اهو پورو ڪندس ۽ دنيا جي باري ۾ جيڪو ڪجهه گهرندؤ ان ۾ اوهان جي ڀلائي ڏانهن نظر ڪندس (يعني اهو ڪندس جنهن ۾ اوهان جي بهتري هوندي). منهنجي عزت جو قسم! جيستائين توهان منهنجو لحاظ رکندؤ، مان به توهان جي خطائن تي پردو وجهندو رهندس. منهنجي عزت جو قسم! مان توهان کي حد کان وڌي وڃڻ وارن (يعني مجرمن) سان گڏ رسوا نه ڪندس. بس پنهنجن گهرن ڏانهن مغفرت يافته ٿي موٽي وڃو! توهان مون کي راضي ڪري ڇڏيو ۽ مان توهان کان راضي ٿي ويس.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! غور ته ڪريو! عيد الفطر جو ڏينهن ڪيترو نه اهم ترين ڏينهن آهي، ان ڏينهن الله رب العزت جي رحمت نهايت جوش تي هوندي آهي، دربارِ خداوندي مان ڪو به سائل مايوس نه موٽايو ويندو آهي، ڪاش! هن مبارڪ ڏينهن جي صدقي رحمت الٰهي جو هڪ ڇنڊو اسان گنهگارن کي به نصيب ٿي وڃي، يقين ڪريو! پوءِ ته واقعي حقيقي عيد ٿي ويندي.

---

[1]...شُعَبُ الايمان ،باب فی الصيام ،جلد:3 ،صفحہ:336 ،حديث:3695۔

میں رحمت، مغفرت، دوزخ سے آزادی کا سائل ہوں
مہِ رمضان کے صدقے میں فرمادے کرم مولیٰ
بنادے مجھ کو مُحَمَّد مصطفٰے کا عاشِق صادِق
تُو دیدے سوزِ سینہ، کر عنایت چشمِ نَم مولیٰ
نہیں درکار وہ خوشیاں، جو غفلت کا بنیں ساماں
عطا کر اپنی اُلفت اپنے پیارے کا تُو غم مولیٰ (1)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## هڪ سخيءَ جي عيد

حضرت عبد الرحمٰن بن عمرو اوزاعي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: عيد الفطر جي چند رات هئي اوچتو اسان جي گهر جو دروازو کڙڪيو، ٻاهر وڃي ڏٺو ته منهنجو پاڙيسري بيٺو هو. مون پڇيو: ڇئہ ڀاءُ! ڪيئن اچڻ ٿيو آهي؟“ هن چيو: ”سڀاڻي عيد آهي، پر خرچ ڪرڻ جي لاءِ ڪجهه به نہ آهي، جيڪڏهن اوهان ڪجهه مدد ڪندا تہ اسان عزت سان عيد جو ڏينهن گذاري سگهندا سين.“ حضرت عبد الرحمان رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: مون عيد جي خرچ لاءِ 25 درهم (يعني چاندي جا سڪا) رکيا هئا، مون ايثار ڪيو ۽ پنهنجي لاءِ رکيل اها رقم پاڙيسري کي ڏئي ڇڏي. هو دعائون ڏيندو هليو ويو. ٿوري دير کان پوءِ ٻيهر ڪنهن دروازو کڙڪايو. مون جيئن ئي دروازو کوليو هڪ ماڻهو اڳتي وڌي اچي منهنجن پيرن تي ڪري پيو ۽ روئي روئي چوڻ لڳو: مان اوهان جي والد جو پڇي ويل غلام آهيان، مون کي پنهنجي حرڪت تي شرمندگي محسوس ٿي تہ حاضر ٿي ويو آهيان، هي 25 دينار (يعني سون جا سڪا) منهنجي ڪمائي جا آهن، اوهان جي خدمت ۾ پيش ڪريان ٿو، قبول فرمايو! اوهان منهنجا آقا آهيو ۽ مان اوهان جو غلام آهيان. مون اهي دينار ورتا ۽ غلام کي آزاد ڪري ڇڏيم. پوءِ مون پنهنجي زال کي چيو: الله پاڪ جو شان ڏس! هن اسان کي درهمن (يعني چاندي جي سڪن) جي بدلي ۾ دينار (يعني سون جا سڪا) عطا فرمايا آهن. (2)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

---

[1] …وسائلِ بخشش، صفحہ:98- 99 ملتقطًا۔
[2] …فيضانِ رمضان، صفحہ:311 بتغير قليل۔

# عيد خير خواهي جو ڏينهن آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ عيد جو ڏينهن آهي، خوشي جو ڏينهن آهي، اللہ پاڪ اسان کي هن مبارڪ ڏينهن جون برڪتون نصيب فرمائي. اللہ پاڪ اسان کي هي خوشي جو ڏينهن عطا فرمايو آهي، اڄوڪي ڏينهن يقيناً هر جائز طريقي سان خوشي ملهائي سگهون ٿا. سنا ڪپڙا پائڻ، سنو کاڌو کائڻ، پنهنجن عزيزن ۽ رشتيدارن سان ملڻ جُلڻ وغيره، هي سڀ خوشي ملهائڻ جا انداز آهن، پر حقيقي خوشي، اها خوشي آهي جيڪا دل ۾ گهر ڪري وڃي ۽ اسان جي دل کي مسرور ڪري ڇڏي اسان کي اها خوشي ملهائڻ کان بہ پوئتي نہ رهڻ گهرجي.

اهڙي بهترين خوشي ڪهڙي آهي؟ اها خوشي جيڪا ڪنهن غريب، ڪنهن مسڪين، ڪنهن پريشان حال، ڪنهن ڏکايل جي دل خوش ڪرڻ سان حاصل ٿيندي آهي. جي ها! اها خوشي جيڪا ڪنهن ڏکايل جي دل خوش ڪرڻ سان ملندي آهي، اها سينو روشن ڪري ڇڏيندي آهي.

## عيد جون خوشيون ٻيٽيون ٿي ويون

حضرت خواجہ سري سقطي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡہ تمام وڏا وليءِ ڪامل آهن، پاڻ فرمائن ٿا: هڪ ڀيرو عيد جو ڏينهن هو، مان عيد جي نماز پڙهي واپس اچي رهيو هئس تہ مون پنهنجي وقت جي مشهور وليءِ ڪامل حضرت معروف ڪرخي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡہ کي ڏٺو، انهن سان گڏ هڪ ٻار بہ هو جنهن جا وار وکريل هئا ۽ هو مسلسل روئي رهيو هو. مان اڳتي وڌيس، وليءِ ڪامل جي خدمت ۾ سلام عرض ڪيو ۽ پڇيو: يا سيدي! ڇا ٿيو آهي؟ هي ٻار ڇو روئي رهيو آهي؟ فرمايائون: هي هڪ يتيم ٻار آهي، هن جي والد جو انتقال ٿي ويو آهي، هن جو ڪو سهارو نہ آهي، هڪ هنڌ ڪجھ ٻار گڏجي اخروٽ سان کيڏي رهيا هئا جيئن تہ هن وٽ پئسا ناهن، هي اخروٽ نہ ٿو خريد ڪري سگهي تنهنڪري هي پاسي تي بيٺو روئي رهيو هو ان ڪري مان هن کي پاڻ سان گڏ وٺي آيو آهيان.

حضرت سري سقطي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡہ فرمائن ٿا: مون عرض ڪيو: "عالي جاهہ! هي ٻار منهنجي حوالي ڪريو! مان هن جي سارَ سنڀال لهندس. حضرت معروف ڪرخي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡہ اهو ٻار منهنجي حوالي ڪري ڇڏيو ۽ دعا ڏيندي فرمايائون: چڱو! هن

ڪي سنڀال! اللّٰه پاڪ هن نيڪ ڪم جي برڪت سان تنهنجي دل کي ايمان سان ڀري ڇڏي ۽ توکي پنهنجي راهه جي ظاهري ۽ باطني سجاڳي نصيب فرمائي.

فرمائن ٿا: مان ان ٻار کي ساڻ ڪري بازار ويس، ان کي نوان ڪپڙا وٺي ڏنا ان کي اخروٽ به خريد ڪري ڏنا هن عيد جو ڏينهن خوشي خوشي ٻين ٻارن سان کيڏندي گذاريو، جڏهن هو مون وٽ واپس موٽي آيو ته تمام گهڻو خوش هو، **مون پڇيو: ٻڌاءِ! عيد جو ڏينهن ڪيئن گذريو؟ ٻار خوشيءَ مان وراڻيو: توهان منهنجي ٽٽل دل کي جوڙيو، اللّٰه پاڪ اوهان جي لاءِ پنهنجي معرفت جو رستو آسان فرمائي.** حضرت سري سقطي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: ان ٻار جي اهڙي پياري دعا ٻڌي مون کي تمام گهڻي خوشي ٿي ۽ منهنجي عيد جون خوشيون ٻيڻيون ٿي ويون.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! واقعي ٽٽل دل کي جوڙڻ، ڪنهن ڏکايل جي دل ۾ خوشي داخل ڪرڻ جي ڳالهه ئي ڪجهه نرالي آهي، هن نيڪ عمل ڪرڻ سان جيڪا خوشي نصيب ٿيندي آهي، اها ڪٿان خريد نه ٿي ڪري سگهجي، هيءَ اها لاجواب خوشي آهي جيڪا وڏن وڏن محلن ۾ نه ملندي آهي، صرف ڪنهن غريب جو سهارو بڻجڻ سان ئي نصيب ٿيندي آهي. غور فرمايو! حضرت سري سقطي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه نمازِ عيد پڙهي گهر ڏانهن واپس اچي رهيا هئا، رستي ۾ ڪين هيءَ لاجواب نيڪي ڪرڻ جو موقعو ملي ويو، ان جي برڪت سان اوهان کي وقت جي ڪامل ولي حضرت معروف ڪرخي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي دعا نصيب ٿي ۽ قسمت چمڪي پئي، اللّٰه پاڪ ان دعا جي برڪت سان اوهان جي مٿان پنهنجي قرب جا دروازا کولي ڇڏيا ۽ اوهان بلند مقام تائين پهچي ويا. ڪاش! اسان کي به اهڙو موقعو ملي وڃي، اسان به عيد نماز پڙهڻ لاءِ آيا آهيون، واپس موٽڻ وقت توجهه رکون، ذهن ۾ پڪو ارادو ڪريون ته نماز عيد پڙهڻ کان پوءِ گهر پهچڻ کان اڳ وڏيڪ نه ته گهٽ ۾ گهٽ ڪنهن هڪ غريب جي مدد ڪري گهر وينداسين، ڪهڙي خبر اسان جي ٿورڙي ڪوشش سان ڪنهن جي دل خوش ٿي وڃي، ڪهڙي خبر ڪنهن جي ٽٽل دل مان نڪرندڙ دعا اسان کي ملي وڃي ۽ ان جي برڪت سان اسان جو ٻيڙو پار ٿي وڃي.

هو مرا کام غریبوں کی حمایت کرنا | دردمندوں سے، ضعیفوں سے محبّت کرنا
میرے اللہ بُرائی سے بچانا مجھ کو | نیک جو راہ ہو، اس راہ پہ چلانا مجھ کو

---

[1]...تذكرة الاولياء،ذكر معروف كرخى ،صفحہ:242- 243 خلاصۃً۔

## دل خوش ڪرڻ جون فضيلتون

۞ الله پاڪ جي آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اِنَّ مِنْ وَاجِبِ الْمَغْفِرَةِ اِدْخَالُكَ السُّرُوْرَ عَلَى اَخِيْكَ الْمُسْلِمِ يعني تنهنجو پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي دل ۾ خوشي داخل ڪرڻ مغفرت کي واجب ڪرڻ وارن عملن مان آهي.[1] ۞ هڪ حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّ اَحَبَّ الْاَعْمَالِ اِلَى اللهِ بَعْدَ الْفَرَائِضِ اِدْخَالُ السُّرُوْرِ عَلَى الْمُسْلِمِ يعني الله پاڪ جي نزديڪ فرضن کان بعد سڀ کان پسنديده عمل مسلمان جي دل ۾ خوشي داخل ڪرڻ آهي.[2] ۞ اهڙي طرح مسلمانن جي ٻئين خليفي حضرت عمر فاروق اعظم رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي، الله پاڪ جي آخري نبي، مڪي مدني، محمد عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان پڇيو ويو ته عملن ۾ سڀ کان افضل عمل ڪهڙو آهي؟ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مسلمان جي دل ۾ خوشي داخل ڪرڻ افضل عمل آهي (۽ ان جو طريقو هي آهي ته) تون ان کي ڪپڙا مهيا ڪر يا ڪاڌو ڪارائي ان جي بک مٽاءِ يا ان جي ڪا ضرورت پوري ڪر![3] ۞ هڪ ٻي ايمان افرز حديث پاڪ ٻڌو! الله پاڪ جي رسول، رسول مقبول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ وَافَقَ مِنْ اَخِيْهِ شَهْوَةً غُفِرَ لَهُ جيڪو پنهنجي (مسلمان) ڀاءُ جي خواهش ۾ ان جي مدد ڪري ان جي مغفرت ڪئي ويندي.[4]

الله! الله! رحمتِ رحمٰن جو ڪيڏو نه نرالو شان آهي، عمل ڪيترو آسان ۽ اجر ڪيترو زيادهه ....!! اڄ هن خوشين سان ڀرپور ڏينهن ۾ جڏهن هر ڪو خوشيون ملهائي رهيو آهي، ڀلا اهو ڪير هوندو جنهن جي دل هنن خوشين ۾ شامل ٿيڻ نه چاهيندي هوندي، پر افسوس! هيءَ ڇيلهه ڇڀي ڪنڌڙ مهانگائي، غربت، يتيمي، مسڪيني، اسان جي هن ئي معاشري ۾ جتي خوشيون ئي خوشيون نظر اچي رهيون آهن، اتي ڪيترائي غريب به هوندا، جيڪي ٻين کي سٺا ڪپڙا پاتل ڏسي،

---

[1]...معجم اوسط، جلد:6، صفحه:129، حديث:8245۔

[2]...معجم اوسط، جلد:6،صفحه:37، حديث:7911۔

[3]...معجم اوسط، جلد:4، صفحه:24، حديث:5081۔

[4]...مسند بزّار، جلد:10، صفحه:47، حديث:47۔

خوشيون ملهائيندو ڏسي دل ئي دل ۾ ٿڌا ساهه پري رهيا هوندا، ڪيترائي اهڙا يتيم به هوندا، جيڪي ٻين ٻارن کي نوان نوان ڪپڙا پاتل ڏسي اندر ئي اندر ٽٽي پوندا هوندا ته ڪاش! اڄ اسان جا به والد هجن ها، ڪو اسان جي مٿي تي به هٿ رکڻ وارو هجي ها، ڪاش! ڪوئي اسان کي به بازار وٺي وڃي ها، اسان کي به اسان جي پسند جون شيون ڏياري ها، ڪاش! ڪوئي اسان کان به پڇي ها ته پٽ! عيد لاءِ ڪهڙا ڪپڙا گهرجن؟ بوٽ ڪهڙو خريدڻو آهي؟ پر افسوس! انهن بي سهارن جو سهارو ڪير بڻجي؟

اي عاشقان رسول! اسان ٿورڙي ڪوشش سان، ٿوري قرباني ڏئي، ٿورڙي همت ڪري هيءُ افضل نيڪي حاصل ڪري سگهون ٿا، هڪ پيرو پيهر دل جي ڪنن سان هيءُ ايمان افروز حديث پاڪ ٻڌو! يتيمن، بيڪسن جي والي، اسان جي آقا تاجدارِ عالي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ وَافَقَ مِنْ اَخِيهِ شَهْوَةً غُفِرَ لَهُ جيڪو پنهنجي (مسلمان) ڀاءُ جي خواهش ۾ ان جي مدد ڪري، ان جي مغفرت ڪئي ويندي.[1]

وہ تو نہایت سستا سودا بیچ رہے ہیں جنّت کا
ہم مُفلس کیا مَول چُکائیں، اپنا ہاتھ ہی خالی ہے[2]

## نفعو پهچائڻ وارا بڻجي وڃو

هڪ تمام خوبصورت حديث پاڪ مان توهان کي ٻڌايان ٿو، صحابي ابن صحابي حضرت عبدالله بن عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُما هن حديث جا راوي آهن، پاڻ فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن اسان پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت سراپا رحمت ۾ حاضر هئاسين، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابهءِ ڪرام کان هڪ سوال پڇيو، ارشاد فرمايائون: اِنَّ مِنَ الشَّجَرِ شَجَرَةً لَا يَسْقُطُ وَرَقُهَا، وَاِنَّهَا مَثَلُ الْمُسْلِمِ، فَحَدِّثُونِي مَا هِيَ يعني وڻن ۾ هڪ اهڙو وڻ آهي جنهن جا پن نه ڇڻندا آهن، ان جو مثال مسلمان جهڙو آهي، ٻڌايو اهو ڪهڙو وڻ آهي؟

هاڻي صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان سوچڻ لڳا (ته اهو ڪهڙو وڻ ٿي سگهي ٿو جنهن جا پن به نه ڇڻندا هجن ۽ ان جو مثال مسلمان جهڙو هجي، ڪوئي ڪجهه سوچي

[1] …مسند بزار، جلد:10، صفحه:47، حديث:47۔
[2] …حدائقِ بخشش، صفحه:186۔

رهيو هو، ڪوئي ڪجهہ سوچي رهيو هو) حضرت عبدالله بن عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہما فرمائن ٿا: منهنجي ذهن ۾ هن سوال جو جواب اچي ويو (پر مان ننڍو ٻار هئس، مون کان وڏي عمر جا صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوان موجود هئا)، تنهنڪري انهن جي حياء سبب مون جواب نہ ڏنو، آخرڪار پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پاڻ ئي فرمايو: هِيَ النَّخْلَةُ اهو کَجيءَ جو وڻ آهي.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! هيءَ هڪ حديث پاڪ اسان ٻڌي، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ وڻ جو ذڪر فرمايو، جنهن جو مثال مسلمان وانگر آهي ۽ اهو وڻ ڪهڙو آهي؟ کجيءَ جو وڻ. عالمن هتي هڪ سوال اٿاريو آهي تہ آخر کجيءَ جي وڻ ۾ اهڙي ڪهڙي خاص ڳالهہ آهي؟ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي مسلمان جهڙو وڻ ڇو فرمايو؟ هن سوال جو جواب ڏيندي علماء فرمائن ٿا: کجيءَ جو وڻ مڪمل خير ۽ ڀلائي آهي، ان جو هڪ هڪ جزو، هڪ هڪ حصو نفعي بخش ۽ فائديمند آهي: ۞ کجيءَ جي پنن مان تڏا (چٽايون) ٺهنديون آهن، انهن مان رسي بہ ناهي ويندي آهي، پراڻي دور ۾ کجيءَ جي پنن مان مانيون رکڻ لاءِ ٽوڪريون بہ ناهيون وينديون هيون ۞ ان سان گڏوگڏ کجيءَ جي وڻ جي ڪَلَ ٻاهہ ٻارڻ لاءِ بہ ڪم ايندو آهي، اڳين دور ۾ ان کي ڪپهہ جي جاءِ تي وهاڻا ڀرڻ ۾ بہ استعمال ڪيو ويندو هو ۞ کجيءَ جو ٿُڙُ (Piller) ٿُنَ جي طور پڻ استعمال ٿيندو آهي، اڳين زماني ۾ ان کي ڇتين ۾ گارڊر جي جاءِ تي بہ استعمال ڪيو ويندو هو ۞ اهڙي طرح کجيءَ جي ککڙيءَ جا بہ تمام گهڻا فائدا آهن، ان کي جانورن جي خوراڪ ۾ استعمال ڪيو ويندو آهي، ان کي پيهي استعمال ڪريو ان جو پائوڊر طبي لحاظ تمام گهڻو فائديمند آهي ۞ باقي رهي کجي: اها تہ نهايت فائديمند ميوو آهي، ميون ۾ سڀ کان وڌيڪ طاقتور ۽ سيني کان وڌيڪ نفع بخش ميوو کجي کي مڃيو ويندو آهي ۞ دم، دل، جگر، گردن، مثاني، پتي ۽ آنڊن جي بيمارين ۾ کجي فائديمند آهي ۞ هيءَ بلغم خارج ڪندي آهي ۽ وات جي خشڪي دور ڪندي آهي مطلب تہ کجيءَ جي وڻ جا فائدا ئي فائدا آهن.

---

[1]...بخاری،کتاب العلم،باب قول المحدث:حدثنا او اخبرنا و انبانا،صفحہ:88 ،حدیث:61۔

مسلمان مومن جو بہ اهڙو ئي مثال آهي، مومن پاڻهو بہ صِرف ۽ صِرف نفع ڏيڻ وارو هوندو آهي، ان جو نقصان ڪو بہ ناهي هي بس ٻين کي فائدو ئي پهچائيندو آهي.

اي عاشقان رسول! اڄ عيد جو ڏينهن آهي، اڄ صِرف خوشيون ملهائڻ جو نہ پر خوشيون ورهائڻ جو بہ ڏينهن آهي. اڄ ٻين کي نفعو پهچايو! غريبن، بي سهارن، يتيمن، مسڪينن کي فائدو پهچايو! انهن سان خير خواهي ڪريو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم!

تمام گهڻيون برڪتون حاصل ٿينديون حديث پاڪ ۾ آهي: خَيْرُ النَّاسِ مَنْ يَّنْفَعُ النَّاسَ ماڻهن ۾ سڀني کان بهتر اهو آهي جيڪو ماڻهن کي نفعو پهچائي.[1]

## نفعو پهچائڻ واري شيءِ باقي رهندي آهي

الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ هڪ مثال ذڪر فرمايو آهي، مثال جو خلاصو ڪجهہ هن ريت آهي تہ آسمان مان تيز مينهن وسندو آهي، نديون نالا وهڻ لڳندا آهن، هاڻي ڇا ٿيندو آهي؟ جڏهن تيز پاڻي وهي رهيو هوندو آهي تہ ان جي مٿان ڪجهہ گَجُ اچي ويندي آهي، الله پاڪ فرمايو:

| | |
|---|---|
| فَاَمَّا الزَّبَدُ فَيَذْهَبُ جُفَآءً ۚ وَ اَمَّا مَا يَنْفَعُ النَّاسَ فَيَمْكُثُ فِي الْاَرْضِ ؕ (پارو:13، سورة رعد:17) | ترجمو ڪنز العرفان: پوءِ گَجَ تہ ضايع ٿي ويندي آهي ۽ اهو (پاڻي) جيڪو ماڻهن کي فائدو ڏيندو آهي، اهو زمين ۾ باقي رهندو آهي. |

يعني پاڻيءَ جي مٿان اچڻ واري گَجَ (جهاڳ) جيتوڻيڪ ڪجهہ وقت لاءِ پاڻي کي ڍڪي ڇڏيندي آهي پر گهڻي دير تائين نہ ٻيهندي آهي، جلد ئي ختم ٿي ويندي آهي، پر پاڻي، جيئن تہ اهو نفع بخش هوندو آهي، قدرت جي طرفان ان جي حفاظت جو سامان ڪيو ويندو آهي، ان کي زمين چوسي وٺندي آهي، پنهنجي اندر محفوظ ڪري ڇڏيندي آهي، پاڻي کي ڪَڪَر بڻائي هوا جي ڪلهن تي سوار ڪيو ويندو آهي، ان کي گليشيئر (برف جو جبل) جي صورت ۾ محفوظ ڪيو ويندو آهي، غرض تہ گَجَ جيڪا ماڻهن کي فائدو نہ پهچائيندي آهي سا جلد ختم ٿي ويندي آهي، جڏهن تہ پاڻي، ماڻهن کي فائدو پهچائيندو آهي، تنهنڪري ان کي محفوظ ڪيو

[1]...كنز العمال، كتاب المواعظ و الرقاق، جز:16، جلد:8، صفحه:54، حديث:44147۔

ويندو آهي. هتي قرآن ڪريم جي هنن مبارڪ لفظن تي غور فرمايو!

وَ اَمَّا مَا يَنۡفَعُ النَّاسَ فَيَمۡكُثُ فِى الۡاَرۡضِ (پارو:13، سورة رعد:17)

ترجمو ڪنز العرفان: ۽ اهو (پاڻي) جيڪو ماڻهن کي فائدو ڏيندو آهي اهو زمين ۾ باقي رهندو آهي.

معلوم ٿيو تہ جيڪو نفعو ڏيڻ وارو هوندو آهي، جيڪو ماڻهن کي فائدو پهچائڻ وارو هوندو آهي، ان جي حفاظت جو قدرتي انتظام ڪيو ويندو آهي.

هيءَ حقيقت آهي، ڏسو! ۞ حضور غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه غريبن سان خير خواهي ڪرڻ وارا هئا، انهن کي هن دنيا مان وصال فرمائيندي صديون گذري ويون آهن پر اڄ بہ ماڻهن جي دلين ۾ انهن جي عقيدت موجود آهي، ماڻهو چوندا آهن، اسان کي پُٽُ گهرجي تہ جيئن اسان جو نسل هلي، اسان جو نالو رهي، ٿورو غور ڪري ٻڌايو! ۞ حضور داتا گنج بخش علي هجويري رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جا ڪيترا پٽ هئا؟ هڪ بہ نہ، پر ڏسو! اڄ پُٽَن وارن جي قبرن تي مٽي وجهڻ وارو ڪو بہ نہ آهي، انهن جا نشان بہ مٽجي ويا آهن، پر اَلۡحَمۡدُلِلّٰه! داتا حضور رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي مزار پر انوار تي ڏينهن رات فيض عام جاري آهي، الله پاڪ جي عطا سان داتا حضور رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي وسيلي سان نہ ڄاڻ ڪيترن جا ڏک درد دور ٿي رهيا آهن ۞ اهڙي طرح ڪيترائي اولياءِ ڪاملين آهن، جن کي دنيا مان رخصت ٿئي صديون گذري ويون آهن، سالن جا سال گذري ويا آهن، انهن جو نالو، انهن جي عقيدت، انهن جي محبت اڄ بہ دلين ۾ موجود آهي. ماڻهو انهن جي مزارن تي حاضري ڏيندا آهن، انهن جي لاءِ فاتحہ پڙهندا آهن، انهن جي نالي جون محفلون سجنديون آهن، انهن کي سلامِ عقيدت پيش ڪيو ويندو آهي، آخر ڇو؟ ان ڪري جو اهي الله پاڪ جا نيڪ ٻانها هئا، اهي سڀ اولياءِ ڪرام ٻين کي ديني ۽ دنياوي هر لحاظ کان نفعو پهچائڻ وارا هئا، توهان ڪنهن بہ ولي الله جي سيرت پڙهي ڏسو! هڪ ڳالهہ سيني جي زندگين ۾ ملندي تہ هي بلند مرتبہ حضرات غريبن جي مدد ڪرن وارا هئا، مسڪينن، يتيمن، بي سهارن جو سهارو بڻجڻ وارا هئا، هي پنهنجون خواهشون نہ پر ضرورتون بہ قربان ڪري ٻين جون دليون خوش ڪرڻ وارا هئا، الله پاڪ انهن جي نالو، انهن جي عقيدت ۽ انهن جي محبت کي رهندي دنيا تائين محفوظ رکڻ جو قدرتي انتظام فرمايو آهي، اسان انهن بلند رُتبي وارين هستين کي ڏٺو بہ ناهي، انهن جي صحبت ۾ ويٺا بہ ناهيون، پوءِ بہ اسان جي دلين ۾ انهن جي

محبت موجود آهي، چاڪاڻ ته:

وَ اَمَّا مَا يَنۡفَعُ النَّاسَ فَيَمۡكُثُ فِى الۡاَرۡضِ ؕ (پارو:13، سورة رعد:17)

ترجمو ڪنز العرفان: ۽ اهو (پاڻي) جيڪو ماڻهن کي فائدو ڏيندو آهي اهو زمين ۾ باقي رهندو آهي.

اهي الله وارا، اهي اولياءِ ڪاملين عيد ڪيئن ملهائيندا هئا، پڙهو!

## غريب ٻار جي عيد ٿي وئي

هڪ دفعي عيد جو ڏينهن هو، صبح جو وقت هو، ماڻهو نوان نوان ڪپڙا پائي، خوشي خوشي عيد نماز لاءِ عيدگاهه ڏانهن وڃي رهيا هئا، تمام مشهور وليءِ ڪامل، خواجهِ اجمير، خواجهِ غريب نواز حضرت خواجهِ معين الدين چشتي اجميري رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه، جيڪي ان وقت ننڍي عمر ۾ هئا، اوهان به نوان ڪپڙا پهريا ۽ عيدگاهه ڏانهن روانا ٿيا، رستي ۾ اوهان هڪ دردناڪ منظر ڏٺو، رستي جي ڪناري تي هڪ ٻار بيٺو هو، اکين کان نابين، پراڻا ڪپڙا پهريل، غريبي حال ۽ چهري تي غم ۽ اداسي...!! خواجهِ غريب نواز رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه ته غريب نواز آهن، پاڻ ننڍپڻ کان ئي تمام سخي ۽ رحمدل هئا، عيد جي ڏينهن ٻار کي ان حال ۾ ڏسي خواجه صاحب رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي معصوم دل پرجي آئي، اوهان ٻار کي هٿ کان پڪڙي، گهر وٺي آيا ۽ اهو قيمتي لباس جيڪو اوهان کي پاڻ کي پهريل هو، اهو لاهي ان غريب ٻار کي پارايائون ۽ پاڻ پراڻو لباس پائي عيدگاهه ڏانهن روانا ٿي ويا. [1]

سُبۡحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! ان کي چئبو آهي حقيقت ۾ عيد ملهائڻ...!! الله ڪري اسان به واقعي عيد ملهايون، خوشيون ملهايون به ۽ خوشيون ورهائڻ وارا به بڻجون وڃون.

| | |
|---|---|
| هو مرا کام غریبوں کی حمایت کرنا | دردمندوں سے، ضعیفوں سے محبّت کرنا |
| میرے اللہ بُرائی سے بچانا مجھ کو | نیک جو راہ ہو، اس راہ پہ چلانا مجھ کو |

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]...معین الہندحضرت خواجہ معین الدین اجمیری ، صفحہ:22 بتغیرقلیل ۔

## فطرو واجب هئڻ جي هڪ حڪمت

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان عيد جي ڏينهن خوشيون ورهايون، غريبن کي به پاڻ سان گڏ انهن خوشين ۾ شامل ڪريون، اها ڳالهه اسان جي دين اسلام کي تمام گهڻي پسند آهي، انهيءَ حڪمت هيٺ ئي ته فطرو واجب قرار ڏنو ويو آهي. صحابي ابن صحابي حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُما فرمائن ٿا: غريبن جي غمخوار، مدني سرڪار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فطرو مقرر فرمايو ته جيئن فضول ۽ بيهودهه ڳالهين کان روزن جي صفائي ٿي وڃي ۽ ان جي ذريعي مسڪينن جي خوراڪ جو سامان به ٿي وڃي.[1]

سُبْحٰنَ الله! اندازو لڳايو! اسان جي پياري دين، اسان جي شريعت، اسان جي پياري آقا ۽ موليٰ، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي غريبن جو ڪيترو نه خيال آهي، تنهنڪري اسان کي گهرجي ته اسان فطرو به خوشدلي سان ادا ڪريون ۽ ان کان علاوه به خيرات ۽ صدقي جي ذريعي غريبن جي مدد ڪرڻ جي عادت اختيار ڪريون.

## صدقوءِ خيرات جي عادت اپنايو

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي گهٽ کان گهٽ صدقي ۽ خيرات ڪرڻ جي عادت اپنائڻ گهرجي، جن تي زڪوات فرض آهي، انهن تي ته لازم آهي ته حساب ڪري زڪوات ادا ڪن، بلڪ ڪنهن عاشقِ رسول مفتي صاحب کان حساب ڪرائي پوري پوري زڪوات ادا ڪن. زڪوات ۾ هڪ روپئي جي به گهٽتائي ڪرڻ گناهه جو ڪم آهي. ان سان گڏوگڏ نفلي صدقو ۽ خيرات جي به عادت بڻايو! صدقهءِ فطر هر مسلمان آزاد مالڪ نصاب تي، جنهن جو نصاب حاجت اصليه کان فارغ هجي، واجب آهي.[2] الله پاڪ فرمائي ٿو:

قَدْ اَفْلَحَ مَنْ تَزَكّٰىۙ(۱۴)
(پارو:30، الاعليٰ:14)

ترجمو ڪنز العرفان: بيشڪ جنهن پاڻ کي پاڪ ڪري ورتو اهو ڪامياب ٿيندو.

---

[1]...ابو داؤد، ڪتاب الزڪاة، باب زڪاة الفطر، صفحه:263، حديث:1609۔

[2]...بهارِ شريعت، جلد:1، صفحه:935، حصه:5۔

تفسير خزائن العرفان ۾ آهي: هن آيت ۾ تَزَكّٰى مان مراد صدقۂ فطر ڏيڻ آهي.[1] يعني جيڪو شخص عيد الفطر جي موقعي تي فطرو ڏئي غريبن کي عيد جون خوشيون ملهائڻ جو موقعو فراهم ڪندو آهي، ان جي دل صاف ٿي ويندي آهي ۽ هو فلاح ۽ ڪاميابي تائين پهچي ويندو آهي.

## فطري جي ادائيگي 4 شين سان ٿيندي آهي

فطري جي مقدار جا 4 اعتبار آهن: (1) ڪشمش (2) ڪجور (3) جَوَ شريف يا ان جو اٽو (4) ڪڻڪ يا ان جو اٽو ۞ ڪشمش جي اعتبار سان فطرو ادا ڪرڻو هجي ته ان جو هن سال 2025 ۾ پاڪستان ۾ مقدار 6 هزار روپيا هڪ فرد آهي ۞ ڪجور جي اعتبار سان 2400 روپيا ۞ عجوه ڪجور جي اعتبار سان 19 هزار روپيا ۞ جَوَ شريف جي اعتبار سان 700 روپيا ۽ ۞ ڪڻڪ جي اعتبار سان 240 روپيا.

صدقۂ فطر جي ادائيگيءَ ۾ پنهنجي حيثيت جو لحاظ رکڻ گهرجي، جنهن کي الله پاڪ مال ۽ دولت سان نوازيو آهي، ان کي گهرجي ته ڪشمش جي اعتبار سان صدقہ فطر ادا ڪري، جيڪو اهو نہ ٿو ڪري سگهي تہ ڪجور جي اعتبار سان 2400 روپيا هڪ فرد جي حساب سان ادائيگي ڪري، جيڪو ايتري بہ طاقت نہ ٿو رکي، اهو جَوَ شريف جي اعتبار سان 700 روپيا في ماڻهو ۽ جيڪو ان جي بہ استطاعت نہ ٿو رکي اهو ڪڻڪ جي اعتبار سان 240 روپيا هڪ فرد جي حساب سان ادائيگي ڪري. جيترو گُڑ وجهندو اوترو منو ٿيندو، يعني خدا جي راهہ ۾ جيترو وڌيڪ خرچ ڪندو اوترو وڌيڪ ثواب ملندو ۽ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! وڌيڪ برڪتون نصيب ٿينديون.

## عطيات جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! توهان جي پنهنجي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي، هن وقت 80 کان وڌيڪ شعبن ۾ دين جي خدمت ڪرڻ ۾ مشغول آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! ۞ هزارين مدرسا ۽ جامعات قائم ڪيا ويا آهن جن ۾ لکين طلبا و طالبات ديني تعليم حاصل ڪري رهيا آهن ۞ المدينۃالعلميه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر) جي ذريعي

---

[1]...تفسير خزائن العرفان، پاره:30، الاعلی، زيرِ آيت:14، صفحه:1099.

امت کي اسلامي لٽريچر (مواد) مهيا ڪيو پيو وڃي ۞ سوشل ميڊيا جي ذريعي ڪروڙين انسانن کي اسلامي معلومات مهيا ڪئي پئي وڃي ۞ مدني چينل اردو، انگريزي، بنگالي، ڪڊز مدني چينل، بزرگن جو مدني چينل ۽ عربي ويب چينل ذريعي دينِ اسلام جي تعليمات کي عام ڪيو پيو وڃي ۞ پوري دنيا ۾ مسلمانن جي خيرخواهي جي لاءِ قائم ڪيل شعبي *(FGRF)* جي ذريعي ڏکايل مسلمانن جي خدمت ڪئي پئي وڃي.

توهان بہ خدمتِ دين جي هن نيڪ ڪم ۾ پنهنجو حصو شامل ڪريو! پنهنجا عطيات دعوتِ اسلامي کي ڏيو، توهان جا عطيات يعني چندو ڪنهن بہ نيڪ، جائز، ديني، اصلاحي، فلاحي، روحاني، خير خواهي، ڀلائي ۽ آمدني وڌائڻ جي جائز ۽ محفوظ ڪمن ۾ لڳائي سگهجي ٿو تہ جيئن وڌنڌڙ خرچن جو پورائو ڪري سگهجي.

دعوتِ اسلامی کی قیُّوم | اِک اِک گھر میں مچ جائے دھوم
اس پہ فِدا ہو بچہ بچہ | یاالله! مری جھولی بھر دے[1]

الله پاڪ اسان کي قرآن ڪريم جو فيضان نصيب فرمائي، دل لڳائي خشوع ۽ خضوع سان نمازون پڙهڻ، خوب صدقا ۽ خيراتون ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## فوت ٿي ويلن سان بہ خير خواهي

پيارا اسلامي ڀائرو! عيد يومِ خير خواهي آهي، اڄوڪي ڏينهن اسان کي پنهنجن عزيزن، رشتيدارن، اوڙي پاڙي جي غريبن، يتيمن، مسڪينن جي خير خواهي ڪرڻي آهي، ضرور ڪريو، ان سان گڏوگڏ اسان جا اهي عزيز رشتيدار، اسان جا اهي مسلمان ڀائر جيڪي اڄ اسان سان گڏ نہ آهن، دنيا مان گذاري ويا آهن، انهن کي بہ نہ وسارڻو آهي، انهن سان بہ خير خواهي ڪرڻي آهي.

اها ڪيئن ڪنداسين؟ ايصال ثواب جي ذريعي، اسان روزا رکيا، تراويحون

[1]...وسائلِ بخشش، صفحہ:123۔

پڙهيون، قرآن ڪريم پڙهو، پڙهايو، تلاوت قرآن ڪندا رهياسين، تهجد جي سعادت حاصل ڪندا رهياسين، نفل پڙهياسين، رمضان المبارڪ ۾ ذڪر ۽ درود پڙهندا رهياسين، انهن سڀني جو ثواب ۽ اڄ جيترين به نيڪيون ڪنداسين، انهن سڀني جو به ثواب پنهنجن فوت ٿيلن کي تحفي طور موڪلي ڏيو، اها انهن جي لاءِ خير خواهي ٿي ويندي.

**حديث پاڪ ۾ آهي:** مردي جو حال قبر ۾ ٻڏندڙ انسان جي مثل آهي جو هو شدت سان انتظار ڪندو آهي ته پيءُ يا ماءُ يا ڀاءُ يا ڪنهن دوست جي دعا کيس پهچي ۽ جڏهن ڪنهن جي دعا کيس پهچندي آهي ته ان جي نظر ۾ اها دنيا ۽ ان ۾ جيڪو ڪجهه آهي ان کان بهتر هوندي آهي. الله پاڪ قبر وارن کي انهن جي زنده متن مائٽن جي طرفان تحفي ۾ موڪليل ثواب جبلن جي برابر عطا فرمائيندو آهي، زنده ماڻهن جو هديو (يعني تحفو) مُردن جي لاءِ دعاءِ مغفرت ڪرڻ آهي.[1]

## قبر ۾ انوار داخل ٿيندا

منقول آهي ته جيڪو شخص عيد جي ڏينهن 300 ڀيرا سُبْحٰنَ اللهِ وَبِحَمْدِهٖ پڙهي ۽ فوت ٿيل مسلمانن جي روحن کي ان جو ايصال ثواب ڪري ته هر مسلمان جي قبر ۾ هڪ هزار انوار داخل ٿيندا آهن ۽ جڏهن اهو پڙهڻ وارو پاڻ مرندو ته الله پاڪ ان جي قبر ۾ به هڪ هزار انوار داخل فرمائيندو.[2]

يا رب مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اسان کي عيد سعيد جون خوشيون سنت جي مطابق، خير خواهي ڪندي، ٻين کي نفعو پهچائيندي، خوشيون ورهائيندي ملهائڻ جي توفيق عطا فرماءِ. اي پيارا الله پاڪ! اسان کي حج شريف ۽ ديار مدينه ۽ تاجدار مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ديدار جي مدني عيد بار بار نصيب فرماءِ.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

تِری جبکہ دید ہو گی جبھی میری عید ہو گی | مِرے خواب میں تُو آنا مَدَنی مدینے والے (3)

[1]... شُعَبُ الْاِیمان،باب فی بر الوالدین،جلد:6،صفحہ:203،حدیث:7905۔

[2]... مُکَاشِفَةُ الْقُلُوب ،باب فی فضل العید،صفحہ:462۔

[3]... وسائلِ بخشش ،صفحہ:424۔

# مان عيد جي نماز بہ نہ پڙهندو هئس

پيارا اسلامي ڀائرو! مسلمانن جو خير خواهہ ۽ نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ عاشقان رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو! عاشقان رسول سان گڏ مدني قافلن جو مسافر بڻجڻ جو بہ معمول بڻايو!

اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ان جون خوب برڪتون نصيب ٿينديون.

ڪراچي جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي تہ: مان پنج وقت جي نماز تہ پري جي ڳالهہ آهي، جمعي ۽ عيد جي نماز بہ نہ پڙهندو هئس، رات جو دير تائين فلمون، ڊراما ڏسندو رهڻ منهنجو معمول هو، پوءِ منهنجي اصلاح جو سامان ڪجهہ هن ريت ٿيو جو هڪ پيرو مون کي رمضان المبارڪ ۾ اعتڪاف جي سعادت حاصل ٿي، ان سان گڏ وڳڏ مان عاشقانِ رسول سان گڏجي 3 ڏينهن جي مدني قافلي جو بہ مسافر بڻجي ويس، بس ان جي برڪت سان مون کي دعوتِ اسلامي جو ديني ماحول نصيب ٿي ويو ۽ مان نہ رڳو پاڻ پنج وقت پابندي سان نماز پڙهڻ وارو بڻجي ويس پر ٻين کي بہ نمازن جي دعوت ڏيڻ وارو بڻجي ويس.

اچھّی صحبت ملے،خوب برکت ملے | چل پڑو چل پڑیں قافلے میں چلو!
بے عمل با عمل بن گئے خاص کر | آپ بھی دیکھ لیں قافلے میں چلو!
بے شک اعمالِ بد اور افعالِ بد | کی چھٹیں عادتیں ،قافلے میں چلو!

**نمازِ عيد جو طريقو بہ ٻڌي وٺو**

## نمازِ عيد جو طريقو (حنفي)

سڀ کان پهريان هن طرح نيت ڪريو: ۞ مان نيت ڪريان ٿو 2 رڪعتون نماز عيد الفطر جي، 6 زائد تڪبيرن سان، واسطي الله پاڪ جي، پنيان هن امام جي ۞ پوءِ ڪنن تائين هٿ کڻو ۽ اَللّٰهُ اَكْبَر چئي معمول مطابق دُنَ جي هينان ٻڌو ۽ ثنا پڙهو ۞ پوءِ ڪنن تائين هٿ کڻو ۽ اَللّٰهُ اَكْبَر چئي هٿ لٽڪائي ڇڏيو ۞ پوءِ ٻيهر ڪنن تائين هٿ کڻو ۽ اَللّٰهُ اَكْبَر چئي لٽڪائي ڇڏيو ۞ هاڻي ٽيون دفعو ڪنن تائين هٿ کڻو ۽ اَللّٰهُ اَكْبَر چئي هٿ معمول مطابق دُنَ جي هينان ٻڌي ڇڏيو يعني پهرين

تڪبير ڪان پوءِ هٿ ٻڌو، ان ڪان پوءِ ٻي ۽ ٽين تڪبير ۾ لٽڪايو ۽ چوٿين ۾ هٿ ٻڌو، ان کي ياد رکڻ جو طريقو هي آهي تہ جتي قيام ۾ تڪبير ڪان پوءِ ڪجھ پڙهڻو آهي اتي هٿ ٻڌڻا آهن ۽ جتي نہ پڙهڻو آهي اتي هٿ لٽڪائڻا آهن ۞ پوءِ امام تعوذ ۽ تسميہ آهستي پڙهي اَلْحَمْدُ شريف ۽ سورت جهر (يعني بلند آواز) سان پڙهي ۞ پوءِ رڪوع ڪري ۞ ٻي رڪعت ۾ پهريان اَلْحَمْدُ شريف ۽ سورت جهر سان پڙهي ۞ پوءِ 3 ڀيرا ڪنن تائين هٿ کڻي اَللّٰهُ اَكْبَر چئو ۽ هٿ نہ ٻڌو ۽ چوٿون ڀيرو بغير هٿ کڻڻ جي اَللّٰهُ اَكْبَر چئي رڪوع ۾ وڃو ۽ قاعدي مطابق نماز مڪمل ڪريو. هر 2 تڪبيرن جي وچ ۾ 3 ڀيرا سُبْحٰنَ اللّٰهِ چوڻ جيترو وقفو ڪرڻو(يعني خاموش ويهڻو) آهي. (1)

## عيد جي 6 روزن جي ترغيب

اي عاشقان رسول! رمضان شريف ڪان پوءِ شوال شريف جي آمد آمد آهي. خوش نصيب مسلمان هن مهيني ۾ عيد الفطر ڪان پوءِ 6 روزا رکڻ جي سعادت حاصل ڪندا آهن. اچو تہ انهن روزن جون فضيلتون ٻڌون تہ جيئن اسان جو اهي روزا رکڻ ۽ انهن جي برڪتن مان فيضياب ٿيڻ جو ذهن ٺهجي. جيئن ۞ حديث پاڪ ۾ آهي: جنهن رمضان جا روزا رکيا پوءِ 6 ڏينهن شوال ۾ روزا رکيا تہ گناهن کان ايئن پاڪ ٿي ويو جيئن اڄ ماءُ جي پيٽ مان پيدا ٿيو آهي.(2) ۞ جنهن رمضان جا روزا رکيا ۽ ان کان بعد شوال ۾ 6 روزا رکيا تہ اهو ائين آهي جڻ ان سڄي عمر روزا رکيا ۞ خليلِ ملت مفتي محمد خليل خان برڪاتي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: اهي روزا عيد کان پوءِ لڳاتار رکيا وڃن تہ بہ حرج ناهي ۽ بهتر اهو آهي تہ هر هفتي ۾ 2 روزا ۽ عيد جي ٻئي ڏينهن هڪ روزو رکي ۽ پوري مهيني جي دوران رکيا وڃن تہ وڌيڪ مناسب آهي.(3)

---

[1]...بہارِ شریعت ،جلد:1 ،صفحہ:781 ،حصہ:4 ماخوذاً۔

[2]... مجمع الزوائد، کتاب الصيام، باب فيمن صام ...الخ،جلد:3، صفحہ:322، حديث:5102۔

[3]... سُنی بہشتی زیور ،صفحہ:347۔